## لازمي سوال

(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

(۱) لطف اللطيف ڪتاب ڪنهن لکيو هو؟

(۲) تزڪره لطفي ڪتاب ۾ ڪهڙي موضوع تي لکيو ويو آهي؟

(۳) جنب گذاريم جن مين ڪتاب جو مصنف ڪير آهي؟

(۴) همه اوست ڪتاب ڪهڙي صنف تي ليکل آهي؟

(۵) مارئي رسالي جو ايڊيٽر ڪير هو؟

(ب) هيٺين ڪتابن جو هڪ هڪ جملي ۾ تعارف ڪرايو:

(٦) ياد رفتگان.

(۷) سنڌيون.

(۸) ڀونر ڀري آڪاش.

(۹) ٻيلاين جا ٻول.

(۱۰) مهراڻ جون ڇوليون.

(ت) لوڪ ادب جي منظوم صنفن مان ڪن به پنجن صنفن جا نالا لکو.

(ث) سنڌي ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ ڪن به پنجن رسالن جا نالا لکو.

*********